# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 2000

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2000

# نوڪري مان برطرفي (خاص اختيار) سنڌ آرڊيننس، 2000

# THE REMOVAL FROM SERVICE (SPECIAL POWERS) SINDH ORDINANCE, 2000

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌارو، شروعات ۽ لاڳو

Short title, extent, commencement and application

2. وصفون

Definitions

3. برطرفي، سرڪار يا ڪارپوريشن سروس وغيره ۾ خاص ماڻهو جي معطلي

Removal, suspension of certain person in Government or corporation service, etc

4. معطلي

Suspension

5. جاچ ڪميٽيون مقرر ڪرڻ جو اختيار

Power to appoint Inquiry Committees

.6 جاچ ڪميٽي جو اختيار
Power of Inquiry Committee
.7 جاچ ڪميٽي طرفان عمل ڪرڻ جو طريقو
Procedure to be followed by the Inquiry Committee
.8 ڪنهن انڪشاف تي حڪم جاري ڪيو ويندو
Order to be passed upon a finding
.9 پيهر پيش ڪرڻ ۽ نظرثاني
Representation and review
.10 اپيل
Appeal
.11 ٻين قانونن کي ختم ڪرڻ جو آرڊيننس
Ordinance to override other laws
.12 هن آرڊيننس تحت ڪارروايون
Proceedings under this Ordinance
.13 التوي هيٺ ڪارروايون جاري رکڻ
Pending proceedings to continue
.14 ٻين فائدن جي پينشنري
Pensionary of other benefits
.15 قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules
.16 رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2000

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2000

# نوڪري مان برطرفي (خاص اختيار) سنڌ آرڊيننس، 2000

# THE REMOVAL FROM SERVICE (SPECIAL POWERS) SINDH ORDINANCE, 2000

[14 ڊسمبر 1996]

آرڊيننس جنهن ذريعي نوڪري تان هٽايو، برطرف ڪيو يا نوڪري تان لازمي رٽائر ڪيو ويندو ۽ سرڪاري ملازمت يا ڪارپوريشن سروس تان هيٺين عهدي تي يا مخصوص ماڻهن کي گهٽ اسڪيل تي آندو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ حالتن کي نظر ۾رکندي اهو ضروري ۽ لازمي ٿي پيو آهي ۽ عوام جي مفاد وٽان ۽ بهتر گورننس لاءِ لازمي آهي تہ اپاءَ ورتا وڃن، مخصوص ماڻهن کي سرڪاري ملازمت يا ڪاپوريشن سروس تان هٽايو ۽ برطرف ڪيو وڃي، جيئن هن ريت بيان ڪيل آهي؛

۽ جيئن تہ اهڙن معاملن ۾ لاڳاپيل مسئلن لاءِ تڪڙا اپاءَ کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس معطل ٿيل آهي، چوڏهن آڪٽوبر 1999 جي ايمرجنسي اعلان تحت ۽ 1999 جي صوبائي آئيني حڪم نمبر 1 تحت.

هاڻي، تنهن ڪري، چوڏنهن آڪتو بر 1999 جي ايمرجنسي اعلان ۽ 1999 جي صوبائي آئيني حڪم نمبر 1، سان گڏ پڙهو صوبائي آئيني (ترميم) حڪم نمبر 9 سال 1999 تحت چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن موجب ۽ ان سلسلي ۾ اختيار استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون حڪم نامو جاري ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، واڌارو، شروعات ۽ لاڳو
Short title, extent, commencement and application

1.(1)هن آرڊيننس کي ملازمت تان برطرفي (خاص اختيار) سنڌ آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

(4)اهو سرڪاري ملازمن ۽ ڪارپوريشن ملازمن تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي تيستائين:

(a)"مجاز اختياري" مطلب گورنر، ۽ ڪنهن شخص يا شخصيتن جي درجي جي سلسلي ۾، گورنر ڪنهن عملدار يا اختياري کي بااختيار بڻائيندو، جيڪو بيان ڪيل مقرر ڪندڙ اختياري کان عهدي ۾ گهٽ نہ هوندو، جنهن جي خلاف قدم کڻڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو هجي، هن آرڊيننس تحت مجاز اختياري لاءِ اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ، اهو عملدار يا اختياري، ۽ۓ ڪورٽ يا ٽريبونل جي ملازم جي سلسلي ۾،

جيڪا صوبائي حڪومت تحت ڪم ڪندي هجي، مقرر ڪندڙ اختياري يا چيئرمين يا ڪورٽ يا ٽربيونل جو پرزائيڊنگ آفيسر؛

(b) "گورنمينٽ" مطلب سنڌ حڪومت؛

(c) "بدعنواني" مطلب عمل جيڪو گڏ آرڊر يا سروس ڊسيپلين يا عمل ڪان مٿانهون هجي، جيڪو عملدار ۽ سڻي شهري يا ملوث هئڻ يا حصو وٺڻ سڏيءَ ريت يا اڻ سڏيءَ ريت صنعت، واپار يا مختلف ڏي وٺ ۾ يا گار گند يا فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي حيثيت جي غلط استعمال يا مالي فائدو وٺڻ يا نجي ادارن ڪان ٻيون اوڳاڙيون يا ماڻهن ڪان غلط سرڪاري ذميداريون يا ڪم سرانجام ڏيندي هراسان ڪرڻ؛

(d) "ڪارپوريشن سروس ۾ ماڻهو" هر اهو ماڻهو جيڪو ڪارپوريشن، ڪارپوريٽ باڊي، اختياري، قانون ساز باڊي يا ٻين تنظيمن يا جوڙيل ادارن، حڪومت طرفان قائم ڪيل، حاصل ڪيل، سنڀاليل يا انتظام هيٺ، يا وقتي طور ڪنهن قانون تحت جوڙيو ويو هجي، ۾ ملازمت ڪندڙ هجي، يا باڊي يا تنظيم، جنهن جو ڪو حصو حڪومت وٽ هجي يا مفاد ۾ جنهن ۾ شامل هجي چيئرمين ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ۽ ان سلسلي ۾ ڪا ٻي آفيس رکندڙ ۽

(e) "سرڪاري ملازمت ۾ ماڻهو" جنهن ۾ شامل آهي هر اهو ماڻهو جيڪو صوبائي ملازمت يا صوبي جي سول سروس ۾ هجي يا جيڪو صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل ڪو سول عهدو رکندو هجي يا ڪنهن ڪورٽ يا حڪومت طرفان جوڙيل يا قائم ڪيل ٽربيونل ۾ ملازمت ڪندڙ ڪو شخص پر انهن ۾ شامل ناهي سپريم ڪورٽ جو جج يا هاءِ ڪورٽ

يا وفاقي شرعي ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جي ماتحت عدليہ جو جج يا ان سلسلي ۾ ڪو ملازم.

برطرفي، سرڪار يا ڪارپوريشن سروس وغيره ۾ خاص ماڻهو جي معطلي

Removal, suspension of certain person in Government or corporation service, etc

3.(1)جتي مجاز اختياري جي نظر ۾ سرڪاري ملازم يا ڪارپوريشن ملازم:

(a)غير موثر يا ڪنهن سبب جي ڪري موثر نہ رهيو هجي؛ يا

(b)بدعنواني جو ڏوهي؛ يا

(c)ڪرپٽ يا ڪنهن سبب جي ڪري ڪرپٽ سمجهيو وڃي، ڇو تہ:

(i)هن، يا مٿس ڀاڙيندڙن مان ڪنهن بہ يا ڪنهن ٻئي شخص طرفان سندس جاءِ تي پرڏيهہ ۾ وسيلا يا ملڪيت هجي، جنهن لاءِ ڪو موزون جواب نہ ڏئي ۽ جيڪي ان جي ڄاڻايل اثاثن ڪان الڳ وسيلا هجن؛ يا

(ii)هن پنهنجي ڄاڻايل ڪمائي جي ذريعن ڪان وڌيڪ رهڻي سهڻي اختيار ڪئي هجي؛ يا

(iii)لڳاتار ڪرپٽ هئڻ جي ساک هجي؛ يا

(d)مصروف هجي، يا سمجهيو وڃي تہ مشڪوڪ سرگرمين ۾ رڌل آهي، ۽ سندس ملازمت ۾ هئڻ قومي سلامتي لاءِ خطرو هجي يا ان طرفان سرڪاري راز ڪنهن اڻ لاڳاپيل ماڻهو حوالي ڪرڻ جو خدشو هجي؛ يا

(e)خبر پوي تہ قانون ۽ لاڳاپيل قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندي مقرر ڪيو ويو آهي، تہ مجاز اختياري دفعہ 5 تحت جوڙيل ڪميٽي جي جاچ پڙتال بعد جيستائين ڪجهہ ڪنهن قانون يا اهڙي شخص جي نوڪري جي شرطن ۽ ضابطن جي خلاف نہ هجي، سرڪاري گزيٽ ۾ لکت حڪم ذريعي اهڙي شخص کي ملازمت تان لاهي يا هٽائي سگهي ٿو، لازمي طور نوڪري

تان رٽائر ڪري سگھي ٿو يا گھٽ عهدي يا پي اسڪيل تي ڪري سگھي ٿو يا هڪ يا وڌيڪ ننڍا ڏنڊ جيئن سنڌ سول سرونٽس (افيشنسي اينڊ ڊسيپلين) رولز 1973 ۾ ڄاڻايو ويو هجي.

بشرطيڪ اهڙي ڪنهن به شخص خلاف ڪو به قدم نه کڻڻ گھرجي جيستائين ان کي اهڙو سبب ڄاڻايو نه وڃي ۽ ان کي پندرنهن ڏينهن اندر سبب ڄاڻائڻ جو موقعو نه ڏنو وڃي، جنهن ڪانپوءِ سندس خلاف قدم کنيو وڃي.

(2)هٽائڻ يا برطرف ڪرڻ يا ملازمت تان اڳ ۾ رٽائرمينٽ يا ذيلي دفعه (1) تحت اهڙي شخص جي هيٺين عهدي يا پي اسڪيل تي گھٽتائي سان اهڙو شخص ڪنهن ذميداري يا سزا کان بچي نه سگھندو جيڪا ان تي ذميداري هجي يا ڪنهن قانون تحت ان سروس دوران ڪو ڏوهه ڪيو هجي.

**معطلي**
**Suspension**

4.شخص جنهن خلاف دفعه 3 جي ذيلي دفعه (1) تحت تجويز ڪيل قدم کنيو ويو هجي ان کي فوري طور تي معطلي هيٺ رکيو ويندو، مجاز اختياري جي نظر ۾ معطلي ضروري يا لازمي آهي.

بشرطيڪ مجاز اختياري خاص ڪيس جي صورت ۾، جنهن جا سبب لکت ۾ ڏنا وڃن، اهڙي شخص کي معطلي هيٺ رکڻ بدران، ان کان اهڙي موڪل طلب ڪري سگھي ٿو جيڪا اهڙي تاريخ کان هجي جيڪا مجاز اختياري طرفان بيان ڪئي وئي هجي.

**جاچ ڪميٽيون مقرر ڪرڻ جو اختيار**
**Power to**

5.مجاز اختياري سرڪاري ملازمت يا ڪنهن ڪارپوريشن سروس جي ملازم جي ڪم جي چنڊ ڇاڻ بابت هڪ يا هڪ کان وڌيڪ جاچ ڪميٽيون مقرر ڪري سگھي ٿي، جنهن

| | |
|---|---|
| دفعہ 3 ۾ شامل ڪم يا منع جاٽايل ڪم ڪيا هجن، ۽ انڪشاف رڪارڊ ڪري سگهي ٿي تہ اهڙي شخص کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو هيو ۽ ٿيهن ڏينهن اندر ڪري سگهي ٿي، تجويز ڪري سگهي ٿي سزا لاءِ يا ٻئي ڪنهن جوڳي قدم لاءِ تجويز ڪري سگهي ٿي.<br>بشرطيڪ اهڙي ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو ويندو جتي ڪميٽي مطمئن آهي تہ پاڪستان جي سالميت يا ان جي ڪنهن حصي جو مفاد آهي، اهو ضروري ناهي تہ موقعو ڏنو وڃي. | appoint Inquiry Committees |
| 6.جاچ ڪميٽي کي اختيار هوندو تہ:<br>(a)ڪنهن شخص کي زبردستي حاضري لاءِ سمن اماڻي يا حلف تي امتحان وٺي؛<br>(b)ڪنهن ڪاغذ جي ملڻ يا پيدا ڪرڻ بابت جاچ ڪري؛<br>(c)حلفن تي شاهدي حاصل ڪري؛ ۽<br>(d)شاهدي رڪارڊ ڪري. | جاچ ڪميٽي جو اختيار<br>Power of Inquiry Committee |
| 7.جاچ ڪميٽي کي هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب پنهنجو طريقو هلائڻ جو اختيار هوندو، بشمول جڳهہ ۽ ويهڻ جو وقت طئي ڪرڻ جي ۽ فيصلو ڪرڻ تہ عوامي طور ويهجي يا نجي طور ويهجي، ۽ ڪارپوريٽ ڪميٽي جي صورت ۾، ڪم ڪرڻ پنهنجي ڪن بہ ميمبرن جي عارضي غير حاضري جي صورت ۾. | جاچ ڪميٽي طرفان عمل ڪرڻ جو طريقو<br>Procedure to be followed by the Inquiry Committee |
| 8.دفعہ 5 تحت جاچ ڪميٽي طرفان هر انڪشاف رڪارڊ ڪيو ويندو، سفارشن سان گڏ جيڪي ان دفعہ ۾ هجن، مجاز اٿارٽي کي جمع ڪرايو ويندو ۽ مجاز اختياري ان سلسلي ۾ اهڙا حڪم جاري ڪندي، جيڪي اها هن آرڊيننس جي | ڪنهن انڪشاف تي حڪم جاري ڪيو ويندو<br>Order to be |

گنجائش موجب موزون سمجهي.

passed upon a finding

**ٻيهر پيش ڪرڻ ۽ نظرثاني**
**Representation and review**

9.(1)اهو شخص جيڪو فوري تان هٽايو يا برطرف ڪيو يا لازمي طور رٽائر ڪيو يا هيٺين عهدي تي يا گهٽ پي اسڪيل تي گهٽايوويو يا جنهن جي خلاف دفعہ 3 تحت ڪو حڪم نڪتو هجي، مجاز اختياري حڪم ملڻ جي پندرنهن ڏينهن اندر گورنر کي ٻيهر پيش ڪندي يا اهڙو عملدار يا اختياري جيئن گورنر مقرر ڪري:

بشرطيڪ جتي حڪم گورنر طرفان ڪڍيو ويو هجي، اهڙو شخص مٿي ڄاڻايل عرصي دوران گورنر کي نظرثاني جي پٽيشن جمع ڪرائيندو.

(2)گورنر يا ڪو عملدار يا اختياري جيئن گورنر طرفان ان مقصد لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي، ٻيهر پيش ڪرڻ، نظرثاني پٽيشن يا ڪنهن ٻئي لاڳاپيل معاملي تي غور ڪري سگهي ٿو تصديق ڪري، پاسي تي نبيري، تبديل ڪري يا حڪم مٽائي سگهي ٿو جنهن جي سلسلي ۾ اهڙي ٻيهر پيشڪش يا نظرثاني جي پٽيشن ان جي سٺ ڏينهن اندر داخل ڪئي وئي هجي.

**اپيل**
**Appeal**

10.جيستائين ڪجهہ لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي تيستائين دفعہ 9 تحت ڪيل ڪنهن حتمي ڪم تحت متاثرڪو بہ شخص حڪم جي ٽيهن ڏينهن اندر سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 تحت قائم ڪيل سنڌ سروس ٽربيونل کي اپيل ڪري سگهي ٿو.

**ٻين قانونن کي ختم**

11.هن آرڊيننس جون گنجائشون موثر هوننديون جيستائين

**ڪرڻ جو آرڊيننس**
Ordinance to override other laws

ڪجهه سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973ع ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن ۽ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون سان متضاد نه هجي.

**هن آرڊيننس تحت ڪارروايون**
Proceedings under this Ordinance

12.هن آرڊيننس جي شروعات تي شروع ڪيل سموريون ڪارروايون، جن معاملن ۾ ماڻهن جي ملازمت جي سلسلي ۾ شروع ڪيون ويون هجن، اهي هن آرڊيننس جي گنجائشن ۾ ان تحت جوڙيل قاعدن موجب هلايون وينديون.

**التوي هيٺ ڪارروايون جاري رکڻ**
Pending proceedings to continue

13. شڪ شبها هٽائڻ لاءِ، اهو فراهم ڪيو پيو وڃي ته سرڪاري ملازمت يا ڪارپوريشن سروس ۾ ڪنهن شخص خلاف هن آرڊيبننس جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973ع ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن، يا ٻئي ڪنهن قانون يا قاعدن موجب التوي هيٺ ڄاڻايل قانونن ۽ قاعدن جيئن ان سلسلي ۾ بيان ڪيو ويو هجي، ان تحت جاري رهنديون.

**ٻين فائدن جي پينشنري**
Pensionary of other benefits

14.جيستائين ڪجهه هن آرڊيننس جي متضاد نه هجي پينشن جي ادائگي يا ٻيا فاعدا جيڪي رٽائرڊ شخص کي ملڻا آهن يا هيٺين عهدي يا پي اسڪيل تي گهٽايل شخص کي هن آرڊيننس تحت ملڻا آهن، جيڪي ڏيڻا آهن، اهي قانون موجب جيڪو وقتي طور لاڳو هجي ان تحت ڏنا ويندا.

| | |
|---|---|
| 15. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 16.جيڪڏهن هن آرڊيننس جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ته گورنر اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيڪو هن آرڊيننس جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه هجي، جيڪو رنڊڪون هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري هجي. | رنڊڪون هٽائڻ<br>Removal of difficulties |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**